# دنيا اسان کي ڇا ڏنو؟؟؟

29-March-2018



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# دنيا اسان کي ڇا ڏنو؟؟؟

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللهِ وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللهِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللهِ وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللهِ

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو- ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون- اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي- "فتاوي شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري، ڪجهہ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري (يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)-

## دُرُود شريف جي فضيلت

حضور نبي رحمت، شفيع اُمَّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: اڄ جبريلِ امين (عَلَيْهِ السَّلَام) مون کي اهڙي خبر ڏني تہ يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جيڪو بہ اوهان تي هڪ ڀيرو دُرودِ پاڪ پڙهندو آهي، الله ڪريم ان تي ڏهہ (10) ڀيرا رحمت موڪليندو آهي، ڏهہ (10) گناهہ معاف فرمائيندو آهي، ڏهہ (10) درجا بلند فرمائيندو آهي ۽ جيڪو بہ اوهان تي سلام موڪليندو آهي الله ڪريم ان تي ڏهہ ڀيرا سلام موڪليندو آهي- (مسند احمد ، ۵/۵۰۹، الحديث: ۱۶۳۵۲ملخصا)

اُن پر دُرود جن کو کس بے کساں کہیں    اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے

**مختصر وضاحت**: يعني اسان پنهنجي ان پياري پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي دُرود موڪليندا آهيون جيڪي هر بي سهاري جو سهارو ۽ آسرو آهن ۽ اسان پنهنجي ان پياري پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي سلام موڪليندا آهيون جيڪي اسان غافلن جي خير خبر رکندا آهن-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!    صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ:

"نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الکبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل**:(1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب!

اُذْكُرُوااللهَ ، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!    صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دنيا سان محبت جو انجام

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مکتبة المدينہ جي شايع ٿيل510 صفحن تي مشتمل ڪتاب "الله والون ڪي باتين"جلد4 جي صفحي نمبر 85 تي آهي-

حضرت سَيدُنا وهب بن منبہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت سَيدُنا عيسيٰ عَلَيهِ السَّلام جو گذر هڪ اهڙي ڳوٺ وٽان ٿيو، جتي جا انسان ۽ جنّ، چرند پرند، تمام چوپايا ۽ ڪيڙا مڪوڙا مري چڪا هئا، پاڻ عَلَيهِ السَّلام ڪجھ دير بيهي انهن ڏانهن نهاريندا رهيا، پوءِ پنهنجي حوارين ڏانهن مُتوجه ٿي ارشاد فرمايائون: اهي سيئي الله پاڪ جي عذاب سان هلاڪ ٿيا آهن، جيڪڏهن ائين نہ هجي ها تہ گڏجي نہ مرن ها- پوءِ پاڻ عَلَيهِ السَّلام انهن مُردن کي پڪاريائون: اي ڳوٺ وارو! انهن مان هڪ جواب ڏنائين: لَبَّيک يا رُوحَ الله! يعني اي روحُ الله! اسان حاضر آهيون- پاڻ عَلَيهِ السَّلام ارشاد فرمايائون: توهان جي شيطان جي پوڄا ڪهڙي هئي؟ ان چيائين: اسان شيطان جي پُوڄا ۽ دُنيا سان مَحَبَّت ڪندا هئاسين، پاڻ عَلَيهِ السَّلام فرمايائون: توهان جي شيطان جي پُوڄا ڪهڙي هئي؟ ان چيائين: اسان الله پاڪ جي نافرمانن جي پيروي ڪندا هئاسين، پاڻ عَلَيهِ السَّلام جن ارشاد فرمايو: توهان جي دنيا سان مَحَبَّت ڪهڙي هئي؟ ان چيائين: اهڙي جيئن ٻار پنهنجي ماءُ سان مَحَبَّت ڪري ٿو، جڏهن دنيا اسان وٽ ايندي هئي تہ اسان خوش ٿيندا هئاسين ۽ جڏهن هلي ويندي هئي تہ اسان غمگين ٿيندا هئاسين- گڏوگڏ هي اسان ڊگهيون اُميدون رکيون هيون ۽ الله پاڪ جي اطاعت کان مُنهن موڙي ان جي ناراضي ڏانهن وڌي رهيا هئاسين- پاڻ عَلَيهِ السَّلام جن ارشاد فرمايو: توهان جو هي حال ڪيئن ٿيو؟ ان چيائين: اسان رات خيريت ۾ گذاري ۽ صبح هاويہ ۾ ڪئي- فرمايائون: هاوِيہ ڇا آهي؟ هو چوڻ لڳو: سِجّين- ارشاد فرمايائون: سجين ڇا آهي؟ ان چيائين: دَنيا جي سمورن حصن جيتري باہ (Fire) جو هڪ ٽانڊو آهي، ان ۾ اسان سيني جا رُوح دَفن ڪيا ويا آهن- پاڻ عَلَيهِ السَّلام ارشاد فرمايائون: توهان جا ساٿي ڇو نہ پيا ڳالهائن؟ ان چيائين: اهي ڳالهائڻ جي طاقت نٿا رکن- ارشاد فرمايائون: ان جو سبب؟ هو چوڻ لڳو: انهن جي واتن ۾ باهہ جون لغامون وڌيون

ويون آهن- پاڻ عَلَيهِ السَّلَام ارشاد فرمايائون: پوءِ تون مون سان ڪيئن ڳالهائي رهيو آهين جڏهن تہ تون بہ تہ انهن ۾ آهين؟ ان چيائين: يقيناً مان انهن مان آهيان پر منهنجو اهو حال نہ آهي جيڪو انهن جو آهي، جڏهن مُصيبت آئي تہ انهن سان گڏ مون کي بہ گهيري ورتو ۽ هاڻي مان هاويہ ۾ هڪ وار سان لٽڪيل آهيان، مون کي خبر نہ آهي تہ مون کي باهہ ۾ ڪرايو ويندو يا وري مان نجات ماڻيندس- پاڻ عَلَيهِ السَّلَام حوارين کي ارشاد فرمايائون: مان سچ چوان ٿو، جو جي ماني کائڻ، صاف سترو پاڻي پيئڻ ۽ ڪچري جي ڍير تي ڪتّن سان گڏ سمهڻ دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي جي لاءِ يقيناً ڪافي آهي- (حلية الاولياء ،وهب بن منبه،٣ / ٦٤،رقم: ٣٧٦٢)

بے وفا دنیا پہ مت کر اِعتبار تُو اچانک موت کا ہوگا شکار
موت آکر ہی رہے گی یاد رکھ! جان جا کر ہی رہے گی یاد رکھ!
گر جہاں میں سو برس تُو جی بھی لے قبر میں تنہا قیامت تک رہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل ڏڪائيندڙ حڪايت ۾ دنيا سان مَحَبَّت ڪرڻ وارن جي لاءِ نصيحت ۽ عبرت جا ڪيئي مدني گل مَوجُود آهن- افسوس! جيئن جيئن اسان رسالت واري زماني کان پري ٿيندا پيا وڃون اسان جي دلين ۾ فاني دُنيا ۽ مال ۽ دولت جي مَحَبَّت جون پاڙون مضبوط ٿينديون پيون وڃن- جنهن کي ڏسو هو دنيا جي پويان اکيون بند ڪندي ڀڄي رهيو آهي، ڪثير دولت، ڪيئي جائيدادون، زمينون، فيڪٽريون، هوٽل، پيٽرول پمپس، شاپنگ مالز، مارڪيٽون، پلازا، بنگلا ۽ عاليشان گاڏيون هئڻ جي باوجود بہ انسان جو حرص (Greed) ختم ٿيڻ جو نالو نٿو وٺي، جيڪڏهن ڪوئي دَرد مند عاشقِ رسول اهڙن کي نيڪي جي دعوت پيش ڪري تہ ان کي اهو چئي چڙٻ ڏني ويندي آهي تہ دُنيا انهيءَ جي عزّت ڪندي آهي، جنهن وٽ دولت هجي، دولت مند ئي ڪامياب ٿيندو آهي وغيره وغيره- اسان غور ڪريون تہ ڪٿي اسان دنيا سان مَحَبَّت ڪرڻ وارن جي عبرت ناڪ انجام کان

غافل تہ نہ ٿي وياسين؟ ڇا اسان کي هميشہ هن دُنيا ۾ رهڻو آهي؟ ڇا اسان کي مغفرت جو پروانو ملي چڪو آهي؟ ڇا اسان اڳوڻين اُمّتن تي ايندڙ عذابن کي وساري ڇڏيو آهي؟ ڇا اسان کي روزانو ٿيندڙ جنازن مان عبرت حاصل نٿي ٿئي، ڇا اسان بيماري واري بستر تي سِسڪندڙ مريضن کان سبق حاصل نٿا ڪريون؟ ڇا اسان نزع جون سختيون برداشت ڪري سگهنداسين؟ڇا اسان تنگ ۽ ڪاري قبر کي وساري ويناسين؟ ڇا اسان قبر جي نانگن وڇوئن ۽ ڪيڙن مڪوڙن کان نجات جو سامان ڪري ورتو؟ ڇا اسان مُنڪرنڪير جي سوالن جا جواب ڏيڻ جي تياري ڪري چڪا آهيون؟ ڇا قيامت جي ڏينهن جي حساب ڪتاب جي تياري اسان ڪري چڪا آهيون؟ بهرحال عافيت انهيءَ ۾ آهي تہ اسان کي جيترو دنيا ۾ رهڻو آهي اُوترو دنيا جي لاءِ ۽ جيترو عرصو قبر ۽ آخرت جو آهي، اوترو قبر ۽ آخرت جي تياري ۾ مشغول رهون، ڪيئي نيڪ ناڪ مرڪندڙ انسان اوچتو موت جو شڪار ٿي ڏسندي ئي ڏسندي اونداهي قبر ۾ پهچي ويندا آهن، اهڙي طرح اسان کي بہ مرڻو پوندو، اونداهي قبر ۾ لهڻو پوندو ۽ پنهنجي ڪرڻ جو ڦل سهڻو پوندو-

امیرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا محمدالياس عطار قادِري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه نصيحت جا مدني گل عطا فرمائن ٿا:

تُو خوشی کے پُھول لے گا کب تلک؟ — تُو یہاں زندہ رہے گا کب تلک؟
دولتِ دُنیا کے پیچھے تُو نہ جا — آخرت میں مال کا ہے کام کیا؟
مالِ دنیا دوجہاں میں ہے وبال — کام آئے گا نہ پیشِ ذُوالجلال

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## شيطان جو چار

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دنيا جي مَحَبَّت شيطان جو اهڙو چار آهي جيڪو ان ۾ ڦاسجي انسان نيڪ ڪمن کان پري ٿي ويندو آهي، مثال طور پهريان مستحبّات کان پري ٿيندو آهي، پوءِ سُنَّتن کان غافل ٿيندو آهي، ان کان بعد فرض ۽ واجب

ڇڏڻ جي عادت ٻڻجندي آهي ۽ پوءِ آهستي آهستي حرام ڪمن جو عادي ٻڻجي ويندو آهي- نيت نمازون ڇڏڻ جو معمول ٻڻجي ويندو آهي، ڪوڙ ڳالهائڻ، غيبت ڪرڻ، ٻين جي دل ڏکائڻ، ڳائڻ وڄائڻ ٻڌڻ ۽ طرح طرح جي حرام ۽ ناجائز ڪمن ۾ زندگي گذرڻ لڳندي آهي- ان جي علاوه دنيا ۾ ضرورت کان وڌيڪ مشغول رهڻ وارو پنهنجن کي وساري ويهندو آهي، دنيا ۾ ضرورت کان وڌيڪ مشغول رهڻ وارو مخلص دوستن کان محروم ٿي ويندو آهي، دنيا ۾ ضرورت کان وڌيڪ مشغول رهڻ وارو غريبن کي حقير ۽ ڪمتر سمجهڻ لڳندو آهي، دُنيا ۾ ضرورت کان زِياده مشغول رهڻ وارو ڪنجوس (Miser) ٿي ويندو آهي، دُنيا ۾ ضرورت کان زِياده مشغول رهڻ وارو تَڪبُّر جي آفت ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي،دنيا ۾ ضرورت کان زِياده مشغول رهڻ واري تي نصيحت اثر ناهي ڪندي، دنيا ۾ ضرورت کان زِياده مشغول رهڻ وارو حلال ۽ حرام ۾ تميز ناهي ڪري سگهندو، دنيا ۾ ضرورت کان زِياده مشغول رهڻ وارو حُقُوْقُ الله سان گڏوگڏ حُقُوقُ العِبَاد يعني ٻانهن جي حقن کان بہ غافل ٿي ويندو آهي، دنيا ۾ ضرورت کان زِياده مشغول رهڻ وارو چورن، ڌاڙيلن ۽ لٽيرن جو شڪار ٿي ويندو آهي- مطلب تہ دنيا ۾ ضرورت کان زِياده مشغول رهڻ وارو طرح طرح جي آفتن ۾ مبُتلا رهندو آهي-دنيا ۾ ضرورت کان زِياده مشغول رهڻ وار جيڪڏهن دنيا جي حقيقت کي سمجهي وجن تہ ڪڏهن بہ ان سان دل نہ لڳائن ها- قرآنِ ڪريم جي مختلف آيت سڳورين ۾ دُنيا جي حقيقت کي بيان ڪيو ويو آهي جيئن سيپارو 27سُوْرَةُالْحَدِيْد جي آيت نمبر20 ۾ ارشاد آهي:

اِعْلَمُوْٓا اَنَّمَا الْحَیٰوةُ الدُّنْیَا لَعِبٌ وَّ لَهْوٌ وَّ زِیْنَةٌ وَّ تَفَاخُرٌۢ بَیْنَكُمْ وَ تَكَاثُرٌ فِی الْاَمْوَالِ وَ الْاَوْلَادِؕ (پ٢٧،الحديد:٢٠)

تَرجَمو ڪنز الايمان: يقين ڄاڻو تہ دنيا جي زندگي تہ فقط راند روند ئي آهي ۽ سينگار ۽ توهان جو هڪٻئي ۾ فخر ڪرڻ ۽ مال ۽ اولاد ۾ هڪٻئي تي زيادتي جي خواهش.

بيان ڪيل آيت سڳوري تحت تفسير صِراطُ الجِنان ۾ لکيل آهي: هن آيت ۾ دُنيا جي حقيقت بيان ڪئي پئي وڃي تہ جيئن مسلمان ان طرف راغب

نہ ٿين ڇوتہ دُنيا تمام گھٽ نفعي واري ۽ جلد ختم ٿيڻ واري آھي- ھن آيت ۾ الله پاڪ دُنيا جي باري ۾ پنج (5) شيون بيان ڪيون آھن (1،2)... دنيا جي زندگي تہ صرف راند روند آھي جيڪو ٻارن جو ڪم آھي ۽ صرف ان جي حصول ۾ محنت ۽ مشقت ڪندو رھڻ وقت ضائع ڪرڻ کان سوا ٻيو ڪجھ نہ آھي-(3)... دنيا جي زندگي زِينت ۽ آرائش جو نالو آھي جيڪو عورتن جو شيوو آھي- (4،5)...دنيا جي زندگي پاڻ ۾ فَخر ۽ غرور ڪرڻ ۽ مال ۽ اولاد ۾ ھڪ ٻئي تي زيادتي چاھڻ جو نالو آھي ۽ جڏھن دنيا جو ھي حال آھي ۽ ان ۾ اھڙيون بُرائيون موجود آھن تہ ان ۾ دل لڳائڻ ۽ ان جي حصول جي ڪوشش ڪندي رھڻ بدران انھن ڪمن ۾ مشغول ھئڻ گھرجي، جن سان اُخروي زندگي سَنورجي سگھي ٿي- (صراط الجنان، 740/9)

اچو! ھاڻي دنيا جي حقيقت جي باري ۾ بُزرگانِ دِينرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِمْ اَجْمَعِين جا ڪجھ اِرشاد ٻڌون، جيئن تہ

## شيطان جي ڌيءَ

حضرت سيدنا علي خَوَّاص رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: دنيا اِبليس لَعِين (يعني لعنتي شيطان) جي ڌيءَ آھي ۽ دنيا کان محبت ڪرڻ وارو ھر شخص ان جي ڌيءَ جو مڙس آھي، ابليس پنھنجي ڌيءَ جي ڪري ان دنيادار شخص وٽ ايندو ويندو آھي، تنھنڪري منھنجا ڀاءُ! جيڪڏھن اوھان شيطان کان محفوظ رھڻ چاھيو ٿا تہ ان جي ڌيءَ (يعني دنيا) سان رشتو قائم نہ ڪريو. (اَلْحَدِيقَةُ النَّدِية، ١ /١٩ ملخصا)

## نيري اکين واري بدصورت پوڙھي

حضرت سيدنا فُضَيل بن عِياض رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا، حضرت سيدنا عبدالله بن عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْھُما جن فرمايو: قيامت جي ڏينھن نيري اکين واري نھايت بدصورت پوڙھي جنھن جا ڏند اڳيان نڪتل ھوندا ماڻھن جي سامھون ظاھر ٿيندي ۽ انھن کان پڇيا ڪئي ويندي: ھن کي سڃاڻو ٿا؟ ماڻھو چوندا: اسان ان جي سڃاڻپ کان الله عَزَّوَجَلَّ جي پناھ چاھيون ٿا، چيو ويندو: ھي اھا ئي دنيا آھي جنھن تي اوھان فخر ڪندا ھئا، ھن دنيا جي ڪري قطع رِحمي ڪندا يعني رشتيداريون

ٽوڙيندا هئا، انهيءَ جي ڪري هڪٻئي سان حسد ۽ دشمني ڪندا هئا، پوءِ ان (پوڙهي جهڙي دنيا) کي جهنم ۾ وڌو ويندو ته رڙيون ڪنديءَ اي منهنجا پروردگار عَزَّوَجَلَّ! منهنجي پيروي ڪرڻ وارا ۽ منهنجي جماعت ڪٿي آهي؟ الله عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو: انهن کي به ان سان گڏ ڪيو. (ذمُّ الدّنيا مع موسوعةالامام ابن ابي الدنيا، ۵/ ۴۲ ،رقم۱۲۳)

دُنیا کو تُو کیا جانے یہ بِس کی گانٹھ ہے حَرَّافہ
صورت دیکھو ظالم کی تو کیسی بھولی بھالی ہے
شہد دِکھائے زہر پلائے، قاتل، ڈائن، شوہر کُش
اس مردار پہ کیا للچایا دنیا دیکھی بھالی ہے

**مختصر وضاحت:** (1) اها دنيا جيڪا بظاهر توکي سادڙي ۽ سڌي سادي نظر اچي رهي آهي، توکي خبر نه آهي ته اها ظالم دنيا ڪهڙي مڪار ۽ زهر جي پري آهي، ان وڏن وڏن جو خانو خراب ۽ ٻيڙو غرق ڪيو آهي-

(2) اها دنيا ظالم ۽ مڪار آهي ماکي ڏيکاري زهر پيئاريندي آهي- اهڙي قاتل آهي جو پنهنجي خاوند (جيڪو هن سان محبت ڪري ٿو ان) جو ئي رت چُوسي ونندي آهي ۽ ان کي تباهه وبرباد ڪندي آهي، ته پوءِ اهڙي مُردار دنيا تي ڇو مريو وڃي، هزارين ماڻهو هن کي آزمائي چڪا آهن ۽ آزمايل شيءِ کي وڏيڪ ڇا آزمائڻ؟

## دنيا جي حقيقت

مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 561 صفحن تي مشتمل ڪتاب "ملفوظاتِ اعليٰ حضرت" ۾ منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه دنيا جي مذمت جي بارِي ۾ فرمائن ٿا ته حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪڏهن دنيا جي قدر الله تعالي وٽ هڪ مڇر جي پر برابر (به) هجي ها ته (پاڻي جو) هڪ ڍُڪ (به) ان مان ڪافر کي نه ڏئي ها. (ترمذي ج 4 ص 144 حديث 2327) (دنيا) ذليل آهي (انهيءَ ڪري) ذليلن کي ڏني وئي، جڏهن کان ان کي بڻايو آهي ڪڏهن ان ڏانهن نظر نه فرمائي، دنيا، آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ فضا ۾ مُعَلّق (يعني لٽڪيل) آهي، فرياد ۽ زاري ڪندي (يعني روئيندي) آهي ۽ چوندي آهي: اي منهنجا رب عَزَّوَجَلَّ! تون مون کان ڇو

ناراض آهين؟ (پوءِ فرمايو) سون چاندي خدا جا دشمن آهن، اهي ماڻهو جيڪي سون چاندي سان محبت رکندا آهن قيامت جي ڏينهن پڪاريا ويندا ڪٿي آهن اهي ماڻهو جيڪي خدا جي دشمن سان محبت رکن ٿا، اللّٰه تعاليٰ دنيا کي پنهنجي محبوب (يعني پيارن ٻانهن) کان ائين پري ڪندو جيئن هڪ ماءُ بيمار ٻار کي نقصان وارين شين کان پري رکندي آهي- (نيکي کی دعوت،ص۲۶۵ملخصاًوملتقطاً)

حُبِّ دُنیا میں دل پھنس گیا ہے　　نفس بدکار حاوی ہوا ہے
ہائے شیطاں بھی پیچھے پڑا ہے　　یاخدا تجھ سے میری دعا ہے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ بُزرگانِ دين جو ڪردار اسانِ جي لاءِ مشعلِ راهه آهي، اهي حضرات دنيا (World) جي حقيقت کي چڱي طرح سڃاڻندا هئا- دُنيا انهن ڏانهن ايندي آهي پر اهي دُنيا جي مُقابلي ۾ هميشه آخرت کي ئي ترجيح ڏيندا آهن- اچو! ترغيب طور هڪ ايمان افروز حڪايت ٻڌون ٿا، جيئن ته

## دنيا کان بي رغبت خليفو

اميرُالمومنين حضرت سَيِدُناعمربن عبدُالعزيزرَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جڏهن خليفو بڻيو ته زُهد ۽ قَناعت (يعني دنيا کان بي رغبتي کي) اِختيار ڪري ورتو، عَيش ۽ عِشرت کي ڇڏي ڏنو، لذيذ کاڌا ڇڏي ڏنا ۽ تمام سادي غِذا استعمال ڪرڻ لڳا جيئن ته

نُعَيم بن سلامت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا ته ۾ اميرالمومنين عُمر بن عبدُ العَزِيز وٽ ويس ته ڏٺو ته پاڻ زيتون جي تيل سان ماني کائي رهيا هئا-(سيرتِ ابن جوزي، ص ۱۸۰)
يونس بن شيبرَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو بيان آهي ته مون اميرالمومنين حضرت سَيِدُنا عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي خلافت کان پوءِ هن حال ۾ ڏٺو ته جيڪڏهن مان چاهيان ها ته بغير هٿ لڳائڻ جي سندن پاسراتيون ڳڻي سگهان ها-

(سيرتِ ابن جوزي، ص۱۸۱) اوهان جا غلام فرمائن ٿا تہ هڪ ڏينهن مان پنهنجي آقا اميرُالمومنين وٽ آيس تہ پاڻ مسور جي دال کائي رهيا هئا، مون چيو: کُلَّ يومٍ عَدَسٌ! يعني روز روز دال! اوهان جي گهرواريءَ فرمايائون: هذَاطَعَامُ مَولَاكَ اَمِيرِ الْمُؤمِنِين! يعني توهان جي آقا اميرالمؤمنين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي اها ئي غذا آهي- (سيرت ابن جوزي،ص۱۸۱ ملخصا)

## واهہ ڇا ڳالھ ڪجي "مسور" جي

سُبْحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ! قربان وڃجي! اميرالمومنين حضرت سَيِدُناعُمر بن عبدُ العَزِيز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي دنيا کان بي رغبتي تي! جيڪي ايتري وڏي سَلطَنت جا خليفو هئڻ باوجود بہ سادي غذا استعمال ڪندا هئا، تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ اسان بہ الله وارن جي نقشِ قدم تي هلندي سادگي اپنايون ۽ دال سبزي بہ خوشي خوشي کائيندا ڪيون- اَلحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! مسور جي دال جي تہ ڇا شان آهي جو حديثِ پاڪ ۾ ان کي برڪت واري شيء قرار ڏنو ويو آهي جيئن رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: توهان مسور ضرور کائيندا ڪيو ڇوتہ اها برڪت واري شيء آهي- جيڪا دل کي نرم ڪندي ۽ لڙڪن کي وڌائيندي آهي- هن ۾ 70 انبياءِ ڪرام عَلَيْهِ السَّلَام جون برڪتون شامل آهن، جن ۾ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام بہ شامل آهن- (فردوس الاخبار، ۶۷/۲، حديث:۳۸۷۶)

امام ثعلبي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا تہ حضرت سَيِدُنا عُمر بن عبدُالعَزِيز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هڪ ڏينهن زيتون، هڪ ڏينهن گوشت ۽ هڪ ڏينهن مسور جي دال سان ماني کائيندا هئا، هڪ بُزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: مسور ۽ زيتون نيڪن جي غذا آهي، مسور بدن (Body) کي سنهو ڪري ٿي ۽ سنهو بدن عبادت ۾ مددگار ٿيندو آهي، مسور سان اهڙي شهوت ناهي پڙڪندي جهڙي گوشت کائڻ سان پڙڪندي آهي- (تفسير قرطبي، ۳۴۶/۱، ملتقطا)

ميں کم کھانا کھانے کی عادت بناؤں خدایا کرم! استقامت بھی پاؤں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دنياءِ آخرت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اها هڪ سچي حقيقت آهي ته هميشه باقي رهڻ واري آخرت جي مُقابلي ۾ دنيا تمام جلد ختم ٿيڻ واري آهي، دُنيا جو طلبگار بظاهر هن دنيا جي حُصُول تي گهڻو خوش ٿيندو آهي، هن سان وڏيون وڏيون اُميدون وابسته ڪري ويندو آهي، هن جي رنگينين ۾ گم ٿي ويندو آهي پر جڏهن هوش ايندو آهي ته افسوس ڪندي رهجي ويندو آهي- دُنيا ۾ رهي جيڪو آخرت جي بهتري جي ڪوششون ڪري ٿو ان جي دنيا به موچاري ٿيندي آهي ۽ آخرت به سنورجي ويندي آهي جڏهن ته دُنيا ۾ رهي صرف دُنيا ڪمائڻ وارو آخرت جي فَائدن ۽ ثمرات کان محروم ٿي ويندو آهي- دنيا جي رنگينين ۾ گم ٿيڻ وارو شيطان کي پيارو لڳندو آهي جڏهن ته آخرت جي تياري ڪرڻ وارو الله ڪريم جو محبوب بڻجندو آهي- دنيا جو رستو بظاهر نَفساني خواهشات ۽ ڏگهي اُميدن جي ڪري آسان نظر ايندو آهي پر ان جو اَنجام نهايت بُرو آهي، آخرت جي راهه بظاهر مشڪل ۽ دُشوار نظر ايندي آهي پر ان جي منزل جنَّت جو خوبصورت ۽ هميشه رهڻ وارو مقام آهي- جيئن ته دنيا آخرت جي مقابلي ۾ اسان جي تمام ويجهو آهي، تنهنڪري هن ڏانهن دل گهڻو جلد مائل ٿي ويندي آهي جڏهن ته آخرت دُنيا کان پوءِ آهي، ان جي ڪري هن کان غفلت ڪئي ويندي آهي-

ياد رکو! دنيا کي دنيا چوڻ جو سبب به اهو ئي آهي ته دنيا آخرت جي مُقابلي ۾ اسان کان وڌيڪ ويجهو آهي، جيئن ته

## دنيا کي دنيا ڇو چيو ويندو آهي؟

شيخِ طريقت،اميرِ اهلسُنَّت،باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابُو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيه پنهنجي تصنيف”نيڪي جي دعوت“جي صفحه نمبر260 تي نقل فرمائن ٿا: دنيا جي لُغوي معنيٰ آهي: ويجهو، ۽ دنيا کي دنيا انهيءَ ڪري چون ٿا ته هي آخرت جي نسبت انسان جي گهڻو ويجهو آهي يا انهيءَ ڪري جو هي پنهنجي خواهشات ۽ لذت جي سبب دل جي گهڻو ويجهو آهي- (حديقه ندية،١ /١٧)

## دُنيا ڇا آهي؟

حضرتِ سيدُنا علّامہ بدرُ الدّين عَيني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: آخِرت جي گهر کان پهريان تمام مخلوق دنيا آهي- (عمدة القاري ج 1 ص 52) پوءِ انهي اعتبار سان سون چاندي ۽ ان سان خريد ڪيون ويندڙ تمام ضروري ۽ غير ضروري شيون دنيا ۾ داخل آهن- (اَلحَدِيقَةُ النَّدِية، ١ /١٧)

## ڪهڙي دُنيا سٺي، ڪهڙي دنيا قابلِ مَذَمّت؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رهي! دنياوي شين جا ٽي قسم آهن: ﴿1﴾ اهي دنياوي شيون جيڪي آخرت جو ساٿ ڏينديون آهن ۽ ان جو نفعو موت کان پوءِ بہ ملندو آهي، اهڙيون شيون صرف بہ آهن: عِلم ۽ عمل، عمل مان مراد اخلاص سان اللّٰه تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ ۽ دنيا جو هي قِسم محمود (يعني تمام سٺو) آهي ﴿2﴾ اهي شيون جنهن جو فائدو صرف دنيا تائين محدود رهندو آهي آخرت ۾ ان جو ڪو ثمر ناهي ملندو جيئن گناهن جي لذت حاصل ڪرڻ، جائز شين مان ضرورت کان وڌيڪ فائدا حاصل ڪرڻ، مثلاً زمين جائيداد، سون چاندي، عمده ڪپڙا ۽ سٺا سٺا کاڌا، ۽ هي دنيا جي مَذموم (يعني مذمت لائق) قِسم ۾ شامل آهن ﴿3﴾ اهي شيون جيڪي نيڪين تي مددگار هجن جيئن ضروري غذا، ڪپڙا وغيره. هي قسم بہ محمود (يعني سٺو) آهي پر جيڪڏهن صرف دنيا جو فوري فائدو ۽ لذت مقصد هجي تہ هاڻي هي دنيا مذموم (يعني قابل مذمت) چئي ويندي. ( اِحياءُ الْعُلوم، كتاب ذم الدنيا ، ٢٢١/٣،٢٢٠ملخصاً)

مت لگا تُو دل یہاں پچھتائے گا　　کس طرح جنّت میں بھائی جائے گا ؟
لندن و پیرس کے سپنے چھوڑ دے　　بس مدینے ہی سے رشتہ جوڑ لے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دنيا هڪ مسافر خاني وانگر آهي جنهن ۾ مسافر اچي ترسن ٿا ۽ ڪجھ ڏينهن رهڻ کان پوءِ اتان کان هليا ويندا آهن، مسافر خاني ۾ اچي ڪجھ ڏينهن رهڻ وارو ڪڏهن بہ اتي رهندي وڏيون وڏيون

اُميدون ناهي ڪندو ۽ ان جي رونقن سان دل ناهي لڳائيندو- تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان هن عارضي گهر يعني دنيا جا ٿي ڪري نہ رهجي وڃون ڇوتہ اسان کي هڪ ڏينهن هتان ڪان موڪلائي وڃڻو آهي، اسان جي منزل هي ناهي بلڪ جنت آهي- اچو! پنهنجي دل ۾ دنيا کان بي رغبتي وڌائڻ ۽ فکرِ آخرت اُجاگر ڪرڻ جي لاءِ 3 فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پڙهو ۽ نصيحت ۽ عبرت جا مدني گل جمع ڪريو:

(1) فرمايائون: جيڪو شخص هميشہ دنيا جي فڪر ۾ مبتلا رهندو (۽ دِين جي پروا نہ ڪندو) تہ الله پاڪ ان جا سمورا ڪم پريشان ڪندو ۽ ان جي مُفلسي هميشہ ان جي اکيان رهندي ۽ ان کي دُنيا ايتري ئي ملندي جيتري ان جي تقدير ۾ لکيل آهي ۽ جنهن جي نِيت آخرت ڏانهن هوندي تہ الله ڪريم ان جي دل جمعي جي لاءِ ان جا سمورا ڪم دُرُست ڪندو ۽ ان جي دل ۾ دنيا جي بي پروائي وجهندو ۽ دنيا ان وٽ خودبخود ايندي-
(ابن ماجه، كتاب الزهد، باب الهم بالدنيا، ٤/٤٢٤، الحديث: ٤١٠٥)

(2) فرمايائون: دنيا ان جو گهر آهي جنهن جو (آخرت ۾) ڪو گهر نہ آهي ۽ دُنيا ان جو مال آهي جنهن جو ٻيو ڪو مال نہ آهي ۽ دنيا جي لاءِ اهو ماڻهو گڏ ڪري ٿو، جنهن وٽ عقل نہ آهي-
(شعب الايمان، الحادي والسبعون من شعب الايمان ـــ الخ، فصل فيما بلغنا عن الصحابةـــ الخ، ٧/٣٧٥، الحديث: ١٠٦٣٨)

(3) فرمايائون: جنهن پنهنجي دنيا کان مَحَبَّت ڪئي، ان پنهنجي آخرت کي نُقصان پهچايو ۽ جنهن پنهنجي آخرت سان مَحَبَّت ڪئي ان پنهنجي دُنيا کي نُقصان پهچايو، پوءِ توهان فَنا ٿيڻ واري (دنيا) تي باقي رهڻ واري (آخرت) کي ترجيح ڏيو- (مسند امام احمد، مسند الكوفيين، حديث ابي موسى الاشعري، ٧/١٦٥، الحديث: ١٩٧١٧)

بيان ڪيل حديثِ پاڪ جي تحت حڪيمُ الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: هن فرمان مبارڪ مان معلوم ٿيو تہ دُنيا ۽ آخرت ٻنهي جي مَحَبَّت هڪ دل ۾ گڏ نٿي ٿي سگهي، دنيا آخرت جو ضِد آهي- امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: علم عقل ۽ ايمان جو سڀ کان گهٽ درجو هي

آهي ته انسان سمجهي وٺي ته دنيا فاني آهي ۽ آخرت باقي رهڻ واري، ان جو نتيجو هي آهي ته دُنيا ۾ رهي آخرت جي تياري ڪري، دنيا ۾ مشغول نه ٿي وڃي-(مرآة المناجيح،۱۸/۷)

وہ دنیا کی رنگینی میں کھویا رہا برباد ہوا    جس نے عشقِ نبی سے دل کو خالی اور ویران کیا

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب!    صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دنيا واريءَ جيان آهي!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان ته بيان ڪيل احاديثِ مُبارڪ ۾ دنيا کان مَحبَّت ڪرڻ وارن جي کهڙي مذمت(Condemnation) بيان ڪئي وئي آهي، لهٰذا اسان کي گهرجي ته اسان صرف دنيا جي لاءِ ئي نه تڙپندا رهون، آخرت جي لاءِ به نيڪين جو ذَخيرو گڏ ڪريون ڇوته دنيا جي مثال واريءَ جهڙي آهي، واريءَ جي جيتري به وڏي مُٺ ڀري وڃي آهسته آهسته ذَرَّن جي صورت ۾ تمام واري مُٺ مان نڪري ئي ويندي آهي ۽ آخر ۾ مُٺ خالي رهجي ويندي آهي- اهڙو ئي ڪجهه حال هن ڌوڪي باز دُنيا جو آهي-

## مال ڪمائڻ ۾ پوءِ بيمارين ۾ صرف ڪرڻ

انسان سڄي زندگي دنيا کان وفاداري ڪري ٿو، دنيا ڪمائڻ جي چاهت ۾ ڏينهن رات هڪ ڪندو آهي، پارٽ ٽائم جاب ڪندو آهي، 20،20 ڪلاڪ ڪم ڪندو آهي، فقط ان ڪري جو پيسو ڪمائڻو آهي، مطلب ته ڏينهن گذري ٿو ته انهيءَ سوچ ۾ ته پيسو ڪمائڻو آهي، رات گُذري ٿي ته انهيءَ تڙپ ۾ جو پيسو ڪمائڻو آهي، دل ڌڙڪي ٿي ته انهيءَ ڌُن ۾ ته پيسو ڪمائڻو آهي ۽ قدم کڻي ٿو ته انهيءَ جُستجو ۾ ته پيسو ڪمائڻو آهي- پر هاءِ! اهو پيسو جنهن جي لاءِ پنهنجي صحت جي پروا نه ڪئي هئي، اهو دُنيا جنهن جي خاطر ڏينهن رات هڪ ڪيا هئا، اهو مال جنهن کي ماڻڻ جي جدوجهد ۾ اوور ٽائم (Overtime) لڳايا هئا، اها دولت جنهن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ حرام حلال جي پروا نه ڪئي هئي، اهو پيسو جنهن کي ماڻڻ جي لاءِ پنهنجي زندگي جا

قيمتي مهينا ۽ سال ضائع ڪري ڇڏيا هئا اهو ئي پيسو ڪجهه عرصي کان بعد بيمارين جي نذر ٿي ويندو آهي- جي ها! انسان پُوڙهائپ جي اڱڻ تي قدم رکندو آهي تہ مختلف بيماريون استقبال ڪرڻ جي لاءِ تيار هونديون آهن، هاڻي نہ هو دنيا جو رهندو آهي ۽ نہ آخرت جي لاءِ ڪجهه ڪري سگهندو آهي-

## موت کي نہ وساريو

دنيا جي فتني بازين کان خبردار ڪندي حُجَّةُ الْاِسْلَام امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ بُزرگ جي حوالي سان لکن ٿا: اي انسانو! هن فُرصَت جي وقت ۾ نيڪ عمل ڪري وٺو ۽ الله پاڪ کان ڊڄندا رهو- اُميدن تي آڪڙجو نہ ۽ پنهنجي موت کي نہ وساريو- دنيا ڏانهن مائل نہ ٿيو، بيشڪ اها ڌوکي باز آهي ۽ ڌوکي سان نهي ٺڪي توهان جي اڳيان ايندي آهي ۽ پنهنجي خواهشن جي ذريعي توهان کي فتني ۾ وجهندي آهي، دنيا پنهنجي پيروي ڪرڻ وارن جي لاءِ هن طرح سجندي سنورجندي آهي، جيئن ڪنوار سنورجندي آهي- دنيا پنهنجن ڪيترن ئي عاشقن کي هلاڪ ڪري ڇڏيو ۽ جن هن کان اطمينان حاصل ڪرڻ چاهيو، انهن کي ذليل ۽ رُسوا ڪري ڇڏيو، تنهنڪري هن کي حقيقت جي نگاهہ سان ڏسو ڇوتہ اها مصيبتن سان پرپور مقام آهي، هن جي خالِق هن جي مَذَمَّت ڪئي، هن جو نئون پُراڻو ٿي ويندو آهي ۽ ان کي چاهڻ وارو بہ مري ويندو آهي- الله پاڪ توهان تي رحم فرمائي، غفلت مان بيدار ٿيو ۽ هن کان پهريان جو ننڊ مان اکيون کولي وٺو تہ هي اعلان ڪيو وڃي: فُلاڻو شخص بيمار آهي ۽ ان جي بيماري شدت اختيار ڪري ورتي آهي، ڇا ڪا دوا آهي؟ يا ڪنهن ڊاڪٽر تائين وڃڻ جي ڪا صورت آهي؟ هاڻي توهان لاءِ حڪيمن (۽ ڊاڪٽرن) کي سڏيو ويندو آهي، پر شفا جي اُميد ختم ٿي ويندي آهي، پوءِ چيو ويندو آهي: فُلاڻي وَصِيّت (Will) ڪئي ۽ پنهنجي مال جو حساب ڪيو آهي- پوءِ چيو ويندو آهي: هاڻي ان جي زبان ڀاري ٿي وئي، هاڻي هو پنهنجن ڀائرن سان ڳالهہ ٻولهہ نہ پيو ڪري ۽ پاڙيسرين کي نٿو سڃاڻي، هاڻي توهان جي پيشاني تي پسينو اچي ويو، روئڻ جو آواز اچڻ لڳو ۽ توهان کي موت جو يقين ٿي ويو، توهان جون پلڪون بند ٿيڻ سان موت جو گمان

يقين ۾ بدلجي ويو، زبان ڏکي رهي آهي، تنهنجا پيڻ ياءُ روئي رهيا آهن، توهان کي چيو ويندو آهي تہ هي تنهنجو فُلاڻو پٽ آهي، هي فُلاڻو ياءُ آهي، پر تون ڪلام ڪرڻ کان روڪيو ويو آهين، پوءِ تُون ڳالهائي نہ سگهندين، تنهنجي زبان تي مهر لڳي وئي جنهن جي ڪري آواز نہ پيدا نڪري، پوءِ توکي موت اچي ويو ۽ تنهنجو رُوح عضوئن مان پوري طرح نڪري ويو، پوءِ ان کي آسمان ڏانهن کنيو ويو، ان وقت تنهنجا يائر گڏ ٿيندا آهن، پوءِ تنهنجو ڪفن ڪٽي ايندا آهن ۽ توکي غسل ڏئي ڪفن پارائيندا آهن- هاڻي تنهنجي عيادت ڪرڻ وارا خاموش ٿي ويهي رهندا آهن ۽ توسان حسد ڪرڻ وارا بہ آرامي ٿيندا آهن، گهر وارا تنهنجي مال ڏانهن مُتوجہ ٿي ويندا آهن ۽ تنهنجا عمل گِروي ٿي ويندا آهن- (احياء العلوم، كتاب ذمّ الدنيا،بيان المواعظ في ذم الدنيا وصفتها، ٣/٢٦٠ملتقطاً)

دل سے دنیا کی محبّت دُور کر دل نبی کے عشق سے معمور کر
اَشک مت دنیا کے غم میں تُو بہا ہاں نبی کے غم میں خوب آنسو بہا

## 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم "يومِ تَعطِيل اِعتِڪاف"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دنيا جي مَحبَّت کان پيڇو ڇڏائڻ، فڪرِ آخرت جو جذبو وڌائڻ ۽ نيڪين تي اِستقامت جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حِصّو وٺو- 12 مدني ڪمن مان هفتيوار هڪ مدني ڪم "يومِ تَعطِيل اِعتِڪاف" بہ آهي- موڪل واري ڏينهن شهر جي علائقن ۽ ڀر وارن ڳوٺن ۾ وڃي اُتي جي مسجدن کي آباد ڪرڻ سان گڏوگڏ مقامي عاشقان رسول کي نيڪي جي دعوت ڏئي علم دين سکڻ سيکارڻ جي ترڪيب ڪئي ويندي آهي ❁ اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ يوْمِ تَعطِيل اِعتِڪاف اسلامي ڀائرن کي سُنّتون، آداب ۽ مَدَني دَرس وغيره جو طريقو سيکارڻ جو بهترين ذريعو آهي ❁ يومِ تَعطِيل اِعتِڪاف جي بَرَڪت سان مسجدون آباد ٿين ٿيون ❁ يومِ تَعطِيل اِعْتِڪاف جي بَرَڪت سان مسجد ۾ گذرندڙ هر هر لَمحو عِبادَت ۾ شُمار ٿيندو ❁ يومِ تَعطِيل اِعتِڪاف جي بَرَڪت سان مسجد سان مَحبَّت ڪرڻ ۽ ان ۾ پنهنجو گهٽي کان گهٽو وَقت گُذارڻ جي فضيلت حاصل ٿيندي- اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجو گهٽو

وَقت مسجد ۾ گذارڻ جي بہ ڇا خوب فضيلت آهي

حضرت سَيدُنا ابُو سَعِيد خُدرِي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوّت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جڏهن توهان ڪنهن شخص کي ڏسو تہ هو مسجد ۾ ڪثرت سان اچ وڃ رکڻ وارو آهي تہ ان جي اِيمان جي گواهي ڏيو ڇوتہ الله عَزَّوَجَلَّ سيپاري 10، سُورَةُالتَّوْبَہ آيت نمبر 18 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّمَا یَعۡمُرُ مَسٰجِدَ اللّٰهِ مَنۡ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَ الۡیَوۡمِ الۡاٰخِرِ وَ اَقَامَ الصَّلٰوۃَ وَ اٰتَی الزَّکٰوۃَ

**ترجموڪنز الايمان:** الله جُون مسجدُون تہ فقط اُهي ئِي آباد ڪندا آهن جيڪي الله ۽ قِيامَت تي اِيمان رکن ۽ نماز قائم ڪندا آهِن ۽ زڪوات ڏيندا آهِن

(پ ۱۰، التوبہ :۱۸)

(ترمذي ، ڪتاب الايمان ، با ب ماجا ء في حرمۃ الصلوۃ، ۲۸۰/۴،رقم: ۲۶۲۶)

الله پاڪ اسان کي بہ مسجدون آباد ڪرڻ، نماز قائم ڪرڻ ۽ زڪوٰة ڏيڻ جي توفيق نصيب فرمائي- نيڪين تي اِستقامت جي لاءِ چڱي صحبت نهايت ضروري آهي نہ تہ ڪڏهن اِنسان نيڪين جون فضيلتون پڙهي يا ٻڌي پنهنجو ذهن تہ ٺاهيندو آهي جو هاڻ مون کي الله پاڪ جي نافرماني ناهي ڪرڻي، بس هاڻي نيڪين سان ئي دِل لڳائي آهي پر بُري صحبت وچ ۾ ايندي آهي، جيڪا نيڪين تي اِستقامت ملڻ ۾ رُڪاوٽ بڻجندي آهي- ڪڏهن ڪڏهن نه ڪرڻ وارا ڪم اِنسان جو وقت برباد ڪرڻ سان گڏوگڏ تمام گهڻين نيڪين کان بہ محروم ڪندا آهن:

## مان لڳڙ اڏائڻ جو شوقين هئس!

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ پتنگ بازي جو شوقين هو، ويڊيو گيمز ۽ بلور راند کيڏڻ وغيره ان جي مشغلن ۾ شامل هو- هر هڪ جي مُعامَلي ۾ تنگ اَڙائڻ، ماڻهن سان جهيڙو ڪرڻ، گاله گاله تي ڦڏو ڪرڻ جهڙين بُرائين ۾ گِرفتار هو- رَمَضانُ المُبَارَڪ جي آخري عَشَري ۾ پنهنجي عَلائقي جي مسجد ۾ اعتڪاف ڪيو، جتي ان کي سنا سنا خواب نظر آيا ۽ گهڻو سُڪون مليو- ان کان پوءِ ان وڌيڪ 2 سال اعتڪاف جي سَعَادَت حاصِل

ڪئي- هڪ ڀيري ان جي مسجد جي مُؤَذِّن صاحِب اِنفرادي ڪوشش ڪري اُن کي عالَمي مَدَني مرڪز فَيضانِ مدينہ(باب المدينہ ڪراچي) ۾ هفتيوار سُنّتن ڀري اِجتماع ۾ وٺي آيو- مُبَلِّغ جي چهري جي ڪشِش ۽ نُورانيت ان جي دل کٽي ورتي ۽ هو دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي ويو- اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اُن هڪ مُٺ ڏاڙهي بہ سجائي ورتي آهي-

بگڑے اَخلاق سارے سَنْوَر جائیں گے، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اِعتِکاف
جامِ عشقِ مُحمد بھی ہاتھ آئے گا، مَدَنی ماحول میں کرلو تم اِعتِکاف

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نيڪ عملن جي اهميت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! افسوس! اسان فڪرِ آخرت ڪرڻ بدران دنيا جي رنگينين ۾ مگن آهيون، عُمده عُمده گهرن جي تعميرات ۾ مصروف (Busy) آهيون، اسان پنهنجا گهر نهايت عاليشان طريقي سان سينگاريون ٿا- پنهنجي زندگي پيسن جي ڏيتي ليتي، عمده ۽ اعليٰ گاڏين جي چمڪ ڌمڪ، خُوبصورت ۽ عاليشان محلّن جي آسپاس گذارڻ چاهيون ٿا، ٿورو سوچيو تہ سڀ اهي شيون ڪيستائين اسان جي ڪم اينديون؟ ڇا اهي سڀ قبر ۾ گڏ ڪٽي ويندا سين؟ ڇا آخرت ۾ انهن شين جي بدلي نيڪيون ملي وينديون؟ بلڪل نہ! اهي بينڪ بيلنس، ڌن دولت ۽ مال ۽ جائيداد سڀ هن دنيا ۾ رهجي ويندا ، قبر ۾ ڪجهہ بہ نہ ڪم ايندو، اتي جيڪڏهن ڪم ايندا تہ صرف نيڪ عمل ڪم ايندا، منڪر نڪير جي سوالن ۾ ڪاميابي ڏياريندا تہ نيڪ عمل ڏياريندا، قبر جي وحشت ۾ غمخواري جو سامان بہ نيڪ عمل ئي ڪندا، قبر جي تنگي بہ نيڪ عملن جي ڪري فراخي ۾ تبديل ٿيندي، قبر جي اندهيري ۾ نيڪ عمل ئي جڳمڳائيندا، عذابِ قبر کان رُڪاوٽ بڻجندا تہ نيڪ عمل ئي بڻندا ۽ صرف قبر ڇا قبر کان بعد ميدان محشر جي گرمي ۽ ان جي اُڃ کان، پُل صراط تي ڪاميابي سان گذرڻ، حسَاب ڪتاب ۽ جهنم جي عذاب کان بہ اسان

کي نيڪ عمل ئي نجات ڏياريندا، ان ڪري نيڪ عملن جي فڪر ڪريو-

## ٽن قسم جا دوست

رسولِ خدا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ميت سان گڏ ٽي شيون وينديون آهن:(١) ان جا گهر وارا (٢) ان جو مال ۽ (٣) ان جو عمل- پوءِ ٻه شيون واپس موٽي اينديون آهن جڏهن ته هڪ ان سان گڏ باقي رهندي آهي- گهر وارا ۽ مال موٽي ايندا آهن جڏهن ته ان جو عمل ان سان گڏ ويندو آهي- (بخاري، ڪتاب الرقاق، باب سكرات الموت، ٢٥٠/٤، حديث:٦٥١٤) جڏهن ته حضرت ابو هريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي: جڏهن ڪو شخص مري ويندو آهي ته ملائڪ چوندا آهن: مَاقَدَّمَ يعني هن اڳتي ڇا موڪليو آهي؟ ۽ ماڻهو پڇندا آهن: مَاخَلَّفَ يعني هن پويان ڇا ڇڏيو آهي؟ (شعب الايمان،باب في الزهد و قصرالامل ،حديث: ١٠٤٧٥، ٣٢٨/٧) يعني مرڻ وقت وارث ته پويان ڇڏيل مال جي فڪر ۾ هوندا آهن ته ڇا ڇڏي پيو وڃي؟ ۽ جيڪي ملائڪ روح قبض ڪرڻ جي لاءِ ايندا آهن اهي عملن ۽ عقيدن جو حساب لڳائيندا آهن- (مرأة المناجيح، ٤٩/٧)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عقلمندي جي تقاضا اها ئي آهي ته اسان دنيا ۽ ان جي سامان جو فڪر ڇڏيون ۽ نيڪ عمل گڏ ڪرڻ ۾ مشغول ٿي وڃون- جنهن مال ۽ دولت کي ڪمائڻ جي لاءِ اسان زندگي ختم ڪري وينا آهيون ان مان ٻه صرف ايترو ئي اسان جو آهي جيترو اسان خرچ ڪري ڇڏيو- جيڪو رهجي ويو اهو اسان جو نه آهي بلڪ وارثن جو ٿيندو- ان ڪري عقلمندي جي تقاضا آهي ته مال ودولت ۽ دنيا جي هوس کي ختم ڪريو ۽ آخرت سنوارڻ تي توجه ڏيون- هن پيسي ڪنهن سان وفا نه ڪئي، اهو واقعي هٿن جو مير آهي، بالفرض جيڪڏهن زندگي ۾ ڪروڙين اربين روپيا گڏ ٻه ڪيا وڃن تڏهن ٻه اسان صرف ايترو ئي استعمال ڪري سگهون ٿا جيترو اسان ڪري سگهون ٿا- هن کي ائين سمجهو جيئن ڪنهن شخص کي خوب بک (Hunger) لڳل هجي، سامهون برياني جي ديڳ پچي رهي هجي، برياني جي بهترين خوشبو دل و دماغ کي ڀلي لڳي رهي هجي، دل ان ڏانهن مائل هجي، وات ۾ پاڻي اچي رهيو هجي، دل ڪري رهي هجي ته سڄي ديڳ کائجي پر حقيقت ۾ ان مان

ڪيترو کاڌو ويندو- برياني جي هڪ پليٽ ڪافي رهندي، اڃا گهٽي ٻه کاڌي وڃي ته ٻه ٽي پليٽن کان بعد مزيد کائڻ جي گُنجائش نه رهندي- ڪڏهن ائين ٿيندو آهي جو پيٽ ڀرجي ويندو آهي پر جيءُ ڍاپبو ناهي، دل ڪري رهي هوندي آهي ته اڃا کائجي تمام بهترين نهيل آهي پر کائيندا ناهيون، ان ڪري جو وڌيڪ کائڻ جي گنجائش ئي ناهي رهندي، پيٽ ڀرجي ويو آهي ته وڌيڪ کاڌو ڪٿي ويندو، بلڪل اهڙي طرح اسان جيترو ٻه ڪمايون، ڪروڙين اربين روپيا گڏ ڪريون، پر ان مان ايترو ئي کائينداسين جيتري سان پيٽ ڀرجي ويندو آهي- اهڙي طرح ڪپڙو ٻه ايترو ئي استعمال ڪيو ويندو آهي جيتري سان هڪ سُوٽ ٻڌجي ويندو آهي، الغرض دُنيوي مال ۽ دولت جا اَنبار ٻه گڏ ڪيا وڃن تڏهن ٻه استعمال اوترو ئي ڪري سگهنداسين جيترو اسان ڪري سگهون ٿا، باقي سڀ جو سڀ دُنيا ۾ رهجي ويندو- جيئن ته حديثِ پاڪ ۾ آهي :

نبي اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: انسان منهنجو مال منهنجو مال چوندو رهندو آهي جڏهن ته ان جي مال جا صرف ٽي حصا آهن: هڪ اهو جيڪو کائي ختم ڪري ڇڏيو ٻيو اهو جيڪو پائي پراڻو ڪري ڇڏيو ۽ ٽيو اهو جيڪو ڪنهن کي (راهِ خدا ۾) ڏنو ۽ گڏ ڪري ورتو- ۽ ان جي علاوه جيڪو ڪجهه آهي سڀ ختم ٿيڻ وارو آهي ۽ هو ان کي ٻين ماڻهن جي لاءِ ڇڏڻ وارو آهي- (مسلم،كتاب الزهد والرقائق،باب الدنياسجن للمؤمن وجنة للكافر،ص ١٢١٠،حديث:٤٢٠)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مجلس تاجران

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اها حقيقت آهي جيڪو اسان دنيا ۾ گڏ ڪيو آهي اهو هتي رهجي ويندو تنهنڪري پنهنجي دل مان دنيا جي محبت ڪڍڻ ۽ رزقِ حلال ۾ برڪت جي لاءِ جيتري استطاعت هجي صدقي ۽ خيرات جي عادت ٻه ٺاهيو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هن جي برڪت سان مال جي محبت دل مان نڪري ويندي- ان جي علاوه وڌ کان وڌ ڪمائڻ جي لالچ ۾ حلال وحرام جو فرق وساري

حرام طريقي سان ڪمايل مال دنيا ۽ آخرت ۾ وبال جو سبب بڻجي سگهي ٿو، اسلام پنهنجي مڃڻ وارن کي واپار جا بلڪل واضح اُصُول عطا ڪيا آهن، پر بدقسمتي سان علم کان دُوري ۽ دُنيا جي رنگينن اَڄ جي مسلمان کي انهن سنهري اُصُولن تي عمل کان پري ڪري ڇڏيو آهي- ضرورت هن ڳالهه جي هئي ته ڪو انهن واپارين ۾ اسلام جو حقيقي رُوح پيدا ڪري- انهيءَ ڪري تبليغِ قرآن ۽ سُنَّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي تحت هڪ شُعبو بنام ”مجلس تاجران“ جو قيام عمل ۾ آندو وِيو آهي، جنهن جو ڪم واپار واري شعبي سان وابسته ماڻهن کي واپار جي باري ۾ اسلامي تعليمات سان رُوشناس ڪرائڻ، انهن ۾ دعوتِ اسلامي جي پيغام کي عام ڪرڻ ۽ انهن کي دعوتِ اسلامي سان وابسته ڪندي هن مدَني مَقصد ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ“ جي مُطابق زندگي گُذارڻ جو مدني ذِهن ڏيڻو آهي-

هن مدني مقصد کي حاصل ڪرڻ ۽ بازارن ۾ مَدَني ماحول بڻائڻ جي لاءِ مسجد يا ڪنهن به مُناسِب مَقام تي مَدَني مرڪز جي ڏنل طريقِ ڪار جي مُطابِق مدني درس (يعني فيضانِ سُنَّت ۽ اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي بيِن رسالَن مان درس) ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي- واپارين کي به مدني ڪمن ۾ عملي طور تي شامل ڪرڻ جي ترغيب ڏيارڻ جو سلسلو رهندو آهي، وقت بوقت واپارين جي مدني حلقن ۾ عاشقانِ رسول کي نماز جا مسئلا، مختلف موضوعن تي سُنّتون ۽ آداب سيکاريا ويندا آهن، دُعائون ياد ڪرايون وينديون آهن، مدرسة المدينه بالغان جي ذريعي واپارين ۾ به تعليمِ قرآن کي عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي-

الله ڪرم ايسا ڪرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تری دُھوم مچی ہو

الله ڪريم اسان جي دلين مان دنيا جي مَحَبَّت دُور ڪري ۽ پنهنجي ۽

پنهنجي محبوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي مَحَبَّت عطا فرمائي-

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ٻڌو تہ

★دنيا جي مَحَبَّت اوچتي موت جو سبب بڻجندي آهي-
★دنيا جي مَحَبَّت گناهن ۾ مبتلا ڪندي آهي-
★دنيا شيطان مردُود جي ڌيءُ آهي-
★دنيا جي مَحَبَّت موت، قبر ۽ آخرت جي تياري کان غافل ڪندي آهي-
★دنيا جي مَحَبَّت عمده لباس، سٺي غذا ۽ عاليشان گهر جي خواهش جو سبب بڻجندي آهي-
★دنيا جي مَحَبَّت سان مال ۽ دولت حاصل ڪرڻ جو حرص پيدا ٿي ويندو آهي-
★دنيا جي مَحَبَّت دل ۾ سانڊڻ جڻ شيطاني جار ۾ ڦاسجڻ آهي-
★ دنيا کان مَحَبَّت ڪرڻ واري کي آخرت ۾ گهيلي جهنم (Hell) ۾ وڌو ويندو-
★دنيا جي مَحَبَّت سان الله وارا هميشہ پري ڀڄندا هئا-

کِھلکِھلا کر ہنس رہا ہے بے خبر! قبر میں روئے گا چیخیں مار کر
کر لے توبہ ربّ کی رحمت ہے بڑی قبر میں ورنہ سزا ہو گی کڑی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت،

شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. [1]

ان کی سنّت کا جو آئنہ دار ہے    بس وُہی تو جہاں میں سمجھدار ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ساڄو هٿ استعمال ڪرڻ جا مدني گل

منا منا اسلامي ڀائرو! اڄ ساڄي هٿ سان ڏيڻ وٺڻ جي باري ۾ ڪجھ مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا. پهريان هڪ (1) فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ ڪريو: فرمايائون توهان منجهان هر هڪ ساڄي هٿ سان کائي ۽ ساڄي هٿ سان پيئي ۽ ساڄي هٿ کان وٺي ۽ ساڄي هٿ کان ڏئي ڇو تہ شيطان کابي هٿ سان کائيندو ۽ کابي هٿ سان پيئندو ۽ کابي هٿ سان وٺندو ۽ کابي هٿ کان ڏيندو آهي. (ابن ماجه، ج. 4، ص. 12، حديث 3266)

حضرت سيدنا عائشہ صديقہ رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمائن ٿيون رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي سيني ڪمن ۾ ساڄي طرف کان ابتدا ڪرڻ کي پسند فرمائيندا هئا. (بخاري، ج. 1، ص. 81، حديث 168)

◈ ساڄي هٿ سان کائڻ پيئڻ سنت آهي. (آدابِ طعام، ص. 130) ◈ نيڪيون لکڻ وارو فرشتو ساڄي طرف رهندو آهي ان ڪري اهو طرف افضل آهي. (مرآة المناجيح، ج. 1، ص. 287)

◈ حضرت سيدنا ابن عباس رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُما کان روايت آهي تہ کابي هٿ سان کائڻ نسيان پيدا ڪندو آهي. (حافظو ڪيئن مضبوط ٿئي، ص. 180) ◈ ساڄي هٿ سان کائڻ خاص طور تي چاور وغيره کائڻ وقت ڪجھ داڻا کابي هٿ ۾ ڪري پون تہ انهن کي بہ ساڄي هٿ ۾ ڪٽي کائو. ◈ ساڄو هٿ ٻوڙ وغيره ۾ ڀڄي وڃڻ جي صورت ۾ کابي هٿ کان پاڻي پيئڻ جي بجاءِ ساڄو هٿ استعمال ڪريو. ◈ گرم چانھ کي ساسر ۾ ٺڏي ڪرڻ جي لاءِ ڪوپ کابي هٿ ۽ ساسر

[1] ...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،٩٧/١،حديث:١٧٥

کي ساڄي هٿ ۾ ڪٽي چانھ پئو. ◈ ڪنهن کي پاڻي پيئارڻ وقت ڪاٻي هٿ سان جڳ پڪڙي ساڄي هٿ ۾ گلاس رکي ته جيئڻ پاڻي پيش ڪرڻ وقت ساڄو هٿ استعمال ٿئي. ◈ مولانا محمد سردار احمد قادري چشتي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا ڏيڻ ۽ وٺڻ ۾ ساڄي هٿ کي استعمال ڪريو اها عادت اهڙي مضبوط ٿي وڃي جو سڀاڻي قيامت ۾ جڏهن نامہ اعمال پيش ٿئي ته انهيءَ عادت جي مطابق ساڄو هٿ اڳتي وڌي وڃي تڏهن ته ڪم بڻجي وڃي.

(حيات محدث اعظم، ص. 374)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں ۽ **آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

سنتيں عام کریں دین کا ہم کام کریں نیک ہوجائیں مسلمان مدینے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا.(2)

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو ھي دُرُود شريف پڑھندو آھي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آھن.[1]

## (4) ڇھ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڑھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڑھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھو مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڑھندو آھي تہ ھيئن پڑھندو آھي.[3]

---

[1]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2]...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149

[3]...القول البدیع، الباب الاول، ص125

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

### (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] ... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305